# ١٣. گُل ڪلايون اڱڻ ۾

## پڙهو. سمجهو ۽ ڳايو.



اچ تہ ملي ڪري، هڪ باغ بڻايون اَڱڻ ۾،
ٻوٽو ٻوٽو پنهنجي هٿن سان، پاڻ لڳايون اَڱڻ ۾.

سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا، هرڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي
چو نہ اچ پنهنجي سوچ ملائي، جوت جڳايون اڱڻ ۾.

وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري اُن ڳالهہ کي سمجهون،
تو ۾ مون ۾ هڪ ئي رب آ، چو نہ ويڇو وڃايون اڱڻ ۾.

هل تہ هلون گڏجي ڳوٺين کي، منظر رات سهانيءَ جا،
چو نہ سفر کي سهڻو بڻائي، جُهول جُهلايون اڱڻ ۾.

چو ”نردوش“ ٿو ذڪر ڪرين، آنڌيءَ انڌياري جو،
چو نہ اَچ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گُل ڪلايون اڱڻ ۾.

### نوان لفظ:

تڪڻ = ڏسڻ　　وِيڇو = دوُري، فاصلو　　منظر = نظارا　　ٻوٽو ٻارڻ = سٺو ڪم ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) اڱڻ ۾ جوت ڪڏهن جڳندي؟
٢) ڪوي گڏجي ڇا ڳولهڻ لاءِ چوي ٿو؟
٣) ڪنهن جو ذڪر ڪوي نٿو ڪرڻ چاهي؟

**سوال ٢: هيٺين سٽن جي معنيٰ لکو:-**

١) وقت ملڻ جو آيو آهي، ملي ڪري ان ڳالهہ کي سمجهوُن،
تون ۾ موُن ۾ هڪ ئي رب آ، چو نہ ويڇو وڃايوُن اڱڻ ۾.
٢) چو ’نردوش‘ ٿو ذڪر ڪرين، آنڌيءَ انڌيا ري جو،
چو نہ اچ پنهنجو ٻوٽو ٻاري، گل ڪلايوُن اڱڻ ۾.

**سوال ٣: بيت جي سٽن جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| ١) سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا | جهول جُهلايون اڱڻ ۾، |
| ٢) چو نہ اَچ پنهنجي سوچ ملائي | هر ڪوئي هڪ ٻئي ڏي تڪي |
| ٣) هل تو هلوُن ڳڏجي ڳولهيون ڪي، | جوت جڳايون اڱڻ ۾ |
| ٤) چو نہ سفر ڪي سهڻو بڻائي | منظر رات سُهاني ءِ جا |

## پورڪ اَڀياس

**شعر - بند تي مشغوليون**

سوچيندي سوچيندي .......... جهوُل جُهلايون اَڱڻ ۾


**(i) هيٺ جملن سان لاڳاپو رکندڙ سٽون لکو:-**

١) سيني ۾ هڪ ئي ايشور آهي.
٢) ياترا وڻندڙ بڻايو.
٣) اَچو تہ پيڊ پاءُ متايون.
٤) سوچ ويچار ۾ چڱو عرصو گذري ويو.

**(ii) ليڪ ڏنل لفظ بدران برڪيٽ مان مناسب جواب چونڊي جملو وري لکو:-**

١) هرڪو ئي هڪ ٻي ڏي تڪي (نهاري، سڏي، ڏئي)
٢) منظر رات سهاني جا (چتر، نظارا، تارا)
٣) جوت جڳايون اڱڻ ۾ (پڌر، ڪمرو، ڇت)
٤) وقت ملڻ جو آيو آهي (سَمو، ڏينهن، سال)

**(iii) مثال موجب ڳول پريو:-**




**(iv) 'ڏياري' وشيہ تي مضمون لکو.**

**(٢) 'سوچيندي سوچيندي سال لڳي ويا.' اِن سٽ ۾ 'سوچيندي' لفظ بہ دفعا ڪم آيل آهي. اَهڙي طرح برڪيٽ مان مناسب جواب ڳولهي خال پريو.**

**(زار زار، آهستي آهستي، هلندي هلندي، پڇيندي پڇيندي)**

١) -------- هلندي بہ آخر ڪُمي اَورچائيءَ سان شرط کٽي.
٢) آخر ------ راڄا کي صحيح ائڊريس ملي ئي ويئي.
٣) رانديڪو ٽٽڻ ڪري ٻار --------- روئڻ لڳو.
٤) بنا ڏيان ڪري راجيش ------- ڏکو کاڌو.

